# فهرست


مظفر صديقي 1

اسماعيل قبرستاني 7

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي 12

ڊاڪٽر ڊرڱگو 20

مرزا فضل حسين 27

سردار علي گوهر خان مهر 33

ڀائي ڪنور 39

مولوي شير محمد قريشي مرحوم 44

استاد عطا محمد حامي مرحوم 50

پائند خان پٺاڻ 56

خان صاحب خان محمد خان 63

مولانا دين محمد وفائي 67

منشي ملنگ فقير 74

آخوند الله بچايو وڪيل 79

سائين قاسم شاهه 85

پير ۽ مير مرحوم 91

(پير حسام الدين راشدي ۽ مير رسول بخش ٽالپر)

عيد کان هفتو اڳ وٽس ملاقات لاءِ ويس. مون کي چيائين تہ منهنجو وقت پورو ٿي ويو آهي ۽ هاڻ پلاٽي ڪري مون کي وصيت رجسٽر ڪرائي ڏئي، جيئن منهنجي اولاد کي پوءِ ڪنڊا ڪيڏا نہ پون. مون پنهنجي دستوري مذاق ۾ سندس ڳالهہ ٽاري ڇڏي. رحلت کان ٽي ڏينهن اڳ منهنجي دوست سيف الدين بوريءَ جي دڪان تي اچي فون ڪيائين تہ عيد ڏينهن اچي سگهندين؟ مون کيس عيد ڏينهن اچڻ کان معافي ورتي. پر واعدو ڪيو تہ عيد جي ٻئي ڏينهن ضرور ايندس. جواب ڏنائين تہ عيد جي ٻئي ڏينهن اچڻو اٿيئي تہ سڪر اچجانءِ.

عيد کان هڪ ڏينهن اڳ سندس پٽ مقبول احمد حيدرآباد اچي کيس سڪر هلي عيد ڪرڻ لاءِ زور پريو. پٽ کي چيائين تہ تون سڪر هل ۽ آءٌ عيد جي ٻئي ڏينهن اتي پهچندس. عيد ڏينهن ڪچڙي منجهند ڌاري ڪلندي ڪٽ تي ليٽي پيو. پنهنجي گهر واريءَ کي چيائين تہ منهنجي هلڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. سڌو سنئون ليٽندي پنهنجي دستوري ذڪر لا الله الا الله جو ورد شروع ڪيائين. هڪ هڏڪي آئي پوءِ ٻي ۽ ٽئينءَ هڏڪيءَ ۾ يار ويندا ڏيکاريندا. ٻئي ڏينهن تي مظفر واقعي وڃي سڪر پهتو! جتي هزارها ماڻهن کيس ڪلها ڏيئي امرُ مٽيءَ حوالي ڪيو. جن سندس آخري ديدار ڪيو انهن جو چوڻ آهي تہ محسوس ائين پئي ٿيو ڄڻ مرڪي رهيو هو. هوش وارا ماڻهو موت تي مرڪندا ٽوروئي آهن.

